گهڻي وقت جي ڳالهه آهي. جتي اڄ ڪراچيءَ جهڙو وڏو شهر آباد آهي، اُتي ڪنهن وقت هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو، جنهن کي ڪلاچي چوندا هئا. ان ڳوٺ جي ماڻهن جو گذر سفر مَڇيون مارڻ تي هو.





ان ڳوٺ ۾ ست ڀائر رهندا هئا. تن ۾
سڀني کان ننڍي ڀاءُ جو نالو مورڙو هو.
هو عام انسانن وانگر هلي نہ سگهندو
هو. سو سهاري تي هلندو هو. پر ان جي
باوجود هُو انتهائي ڏاهو ۽ دلير هو.



هن جي ڏاڍي خواهش هئي تہ هو بہ
مَڇين جي شڪار تي وڃي، پر مجبورن
ڪيس گهرَ ۾ رهڻو پوندو هو. ان ڪري
هو سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ماڻهن
کي شڪار ڪندو ڏسندو هو ۽ شڪار
لاءِ ٻار ٿاهيندو رهندو هو.




موررڙي جي پائرن هن جي ڳالھ کي اهميت نہ ڏني ۽ ڳالھ کي ٻُڌو اڻ ٻڌو ڪري سمنڊ ۾ مَڇيءَ جو شڪار لاءِ نڪرڻ لڳا. موررڙي کي چيائون: ”اسان شڪار تي وڃون ٿا، تون گهر ۾ رهجانءِ، ٻاهر نہ وڃجانءِ“



موررڙي جا ڇهہ ڀائر جڏهن وچ سمنڊ ۾ پهتا تہ اچي سامونڊي طوفان لٿو. لهرن جي زور تي سندن ٻيڙي اُٿلي پئي. ان جاءِ تي هڪ وڏو ۽ خطرناڪ مانگر مڇ رهندو هو. موررڙي جي ڀائرن پاڻ کي بچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر مانگرمڇ ڪين ڇڏيو.



هوڏانهن سج لهي ويو ۽ رات ٿي وئي ۽ جڏهن مورڙي جا ڀائر نہ موٽيا، تہ مورڙي کي پنهنجي ڀائرن جي ڳڻتي اچي ٿي. سو سندن خيريت پڇڻ لاءِ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪيائين. ماڻهن ڪيس سندس ڀائرن جي ٻيڙي سان ٿيل حادثي ۽ مانگر مڇ جي سڄي ڳالهہ ٻڌائي.



اِهو ٻڌي مورڙي کي دلي صدمو پهتو. چو ته مورڙو پنهنجن ڀائرن سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. هن ارادو ڪيو ته اُن مانگر مڇ کي ماري پنهنجي ڇهن ڀائرن جو بدلو وٺندو. اِهو ارادو ڪري هن هڪ منصوبو جوڙيو.



موررڙي هڪ پڃري جي چوڏاري لوهي سيخون ۽ تيرَ لڳايا. هن ساٿين کي سمجهايو تہ جڏهن رسو لُڏي تہ توهان رسي کي ڇڪجو. هو پاڻ پڃري ۾ ويٺو. پڃرو بند ڪرائي ٻيڙيءَ جي پر ۾ رکرايو ۽ سمنڊ ۾ لٿو.



سمنڊ ۾ مانگر مڇ جڏهن مورڙي کي ڏٺو
ته نه ڪيائين هم نه تم ان کي کائڻ لاءِ
وڌيو. جيئن ئي پڃري کي چڪ وڌائين
ته لوهي تير ۽ سيخون هن جي وات ۾
کُپي ويون. پوءِ جيئن ڇڏائڻ جي ڪوشش
ڪيائين تيئن ڦاسندو ويو.



جڏهن مانگر مڇ ڦاٿو تہ مورڙي رسي لُوڏي ساٿين کي اشارو ڪيو. مورڙي جي ساٿين هڪ دم رسا ڇڪي ٻيڙيءَ کي ڪناري تي آندو. ڪناري تي ايندي ئي مورڙو صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو ۽ سمورن ڳوٺاڻن گڏجي، مانگر مڇ تي حملو ڪري ڏنو.



ايئن مورڙي پائرن کي مانگر مڇ کان آزاد ڪرايو. ٻارو! توهان ڏٺو تہ مورڙي هلڻ چلڻ ۾ ڏکيائي هوندي بہ پنهنجن پائرن کي ڪيئن دليري ۽ ذهانت سان آزاد ڪرايو. هن ان ڏکيائيءَ کي ڪا اهميت نہ ڏني. اهو سڀ مورڙي جي همٿ، حوصلي ۽ بهادريءَ جو ڪري ممڪن ٿيو.

# بگ بُڪس

# BIG BOOKS

(ٻئي درجي لاءِ)

پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج سالہ پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ٻئي دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هِي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

بِگ بُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' (Read Aloud) واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 12 بِگ بُڪس لکيا ويا آهن. هر بِگ بُڪ جي پٺيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوران ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. بِگ بُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي بِگ بُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا تہ جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ بولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي تہ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- فليش ڪارڊز
- وڊيوز
- بِگ بُڪس
- سبقي منصوبا
- ليولڊ ريڊرز
- ورڪ بُڪ



تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

نوٽ: شاگردن کي هفتي جا پهريان ٻہ ڏينهن مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻُڌايو ۽ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪريو.

## پهريون ڏينهن

(اڳڪٿي، اڳوڻي معلومات ۽ ڇَپيل تصور)

### پڙهڻ کان پهرين

شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو تہ:

» توهان جي خيال ۾ اڄ ڪهڙي ڪهاڻي پڙهنداسين؟
» تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ دؤران

» صفحو نمبر 3 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ مورڙو ڇا ڪري رهيو آهي؟
» صفحو نمبر 6 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ هن منظر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ کان پوءِ

» صفحو نمبر 5 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ هن صفحي تي ڪيتريون سِٽون آهن؟
» صفحو نمبر 8 ۾ ڏنل جملو 'اهو ٻڌي مورڙي کي دلِي صدمو پهتو' ۾ ڪيترا لفظ آهن؟
» مورڙي ڀائرن کي بچائڻ لاءِ ڇا سوچيو ؟

## ٻيو ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان ۽ آوازن جي مشق)

### پڙهڻ کان پهرين

(ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ڪلاس ۾ ڪجھ اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نہ هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).

» شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل/عنوان ڏيکاري پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ مانگر مڇ کي ڇا چوندا آهن؟

### پڙهڻ دؤران

» صفحو نمبر 1 تي 'جهوپڙيءَ' جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ هن کي ڇا چوندا آهن؟
» صفحي نمبر 01 ۾ ڏنل پورو جملو 'سمنڊ ۾ مانگر مڇ جڏهن مورڙي کي ڏٺو تہ ... کائڻ لاءِ وڌيو.' کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻولي ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.

### پڙهڻ کان پوءِ

» شاگرن کان هيٺ ڏنل لفظن جا پهريان آواز پُڇو.
» ڪلاچي، ڳوٺ، ڄار، مورڙو، ڀائر، ٻيڙي، پڇرو، سلامت.

## ٽيون ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

### پڙهڻ دؤران

» صفحي نمبر 2 ۾ جملو 'هو انتهائي ڏاهو ۽ دلير هو' ۾ دلير جي معنيٰ ٻُڌايو 'بهادر' پوءِ مثال ڏيو. (هوشو هڪ دلير انسان هو) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ناهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 5 ۾ جملو 'مورڙي جي ڀائرن هن جي ڳالھ کي اهميت نہ ڏني ۽ ڳالھ کي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري..... لڳا.' ۾ اڻ ٻُڌو جي معنيٰ ٻُڌايو 'ڌيان نہ ڏيڻ' پوءِ مثال ڏيو. (وڏڙن جي ڳالھ کي اڻ ٻُڌو نہ ڪرڻ گهرجي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ناهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 6 ۾ جملو 'ان جاءِ تي هڪ خطرناڪ مانگر مڇ رهندو هو' ۾خطرناڪ جي معنيٰ ٻُڌايو 'خوفناڪ' پوءِ مثال ڏيو. (مون کي مانگرمڇ خطرناڪ لڳندو آهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ناهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 21 ۾ لفظ 'آزاد' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## چوٿون ڏينهن

(تفهيم، ڪهاڻيءَ جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

### پڙهڻ کان پهرين

» ڪلاس ۾ ڪنهن جا ست ڀائر يا ست ڀينرون آهن؟
» مورڙي کي ڪيترا ڀائر هئا؟
» مورڙي جي ڀائرن سان ڇا ٿيو؟

### پڙهڻ دؤران

» مورڙي ڀائرن کي سمنڊ ۾ وڃڻ کان ڇو روڪيو؟
» مورڙي جي ڀائرن مورڙي جي ڳالھ ڇو اڻ ٻُڌي ڪئي؟
» مورڙي پنهنجن ڀائرن کي ڪيئن بچايو؟
» مورڙي ڀائرن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جوکم ۾ ڇو وڌي؟

### پڙهڻ کان پوءِ

» توهان پنهنجي ڀاءُ يا ڀيڻ جي ڪنهن بہ قسم جي مدد ڪئي آهي؟ ڪهڙي؟
» ڪنهن نہ ڪڏهن وقت ۾ توهان پنهنجي ڪهڙي دوست/سهيليءَ مدد ڪندؤ ۽ ڇو؟



This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ ڀائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.